# سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم ۽ اسان جون ذميواريون

دولت رام ڪتري

سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم جو آغاز : سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري طرفان سنڌي ٻولي جي وجود اهميت افاديت بقا ۽ واڌ ويجهه جي حوالي سان هن سال "سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم" جو آغاز ڪيو ويو آهي. جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ حيدرآباد ۾ ٻولي جي بااختيار اداري پاران هڪ افتتاحي تقريب ۾ اديبن دانشورن طرفان ڪافي ڳالهيون سامهون آيون آهن،سوچڻ جي ضرورت آهي ته ٻولي جي ترقي واڌاري لاءِ ڇا ٿيڻ گهرجي ۽ ٻولي جي واڌ يجهه لاءِ اسان جي سول سوسائٽي اديبن دانشورن جو ڪردار ڪهڙو هئڻ گهرجي ۽ سنڌ جي پڙهيل لکيل طبقي ۽ نوجوانن جون ذميواريون ڪهڙيون هئڻ گهرجن. انهي تقريب ۾ اهم ڳالهه اها پڻ سامهون آئي آهي ته نئين نسل تائين سنڌي ٻولي کي وڏي سطح تي ڪيئن ٿامتعارف ڪرائي سگهون؟ نئون نسل ٻولي جي اهميت افاديت کان ڪيئن ٿو واقف ٿي سگهي ۽ اسان جي سوسائٽي ٻولي جي واڌ ويجهه لاءِ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي؟ هن تقريب ۾ جتي ڪارائتيون ڳالهيون ڪيون ويون انهي ۾ اها ڳالهه پڻ ڪئي وئي سنڌي ٻولي جي سماجي واهپي کي وڌائڻ لاءِ سماجي رويا متاثڻا پوندا. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ جڏهن به سنڌي ٻولي متعلق سيمينار ٿيندا آهن ته انهن ۾ هميشه اهي ڳالهيون ٿينديون رهيون آهن ۽ سنڌي ٻولي کي دفتري ٻولي جو درجو ڏيڻ ۽ سرڪاري آفيسن ۾ سنڌي ٻولي ۾ ڪاروهنوار هلائڻ ۽ سنڌي ٻولي کي تعليمي ادارن ۾ لازمي طور پڙهائڻ جا مطالبا ٿيندا رهندا آهن پر بنيادي ڳالهه اها آهي ته اسان عملي طور تي سنڌي ٻولي جي ترقي واڌ ويجهه لاءِ ڪجهه رهيا آهيون يا اهي ڳالهيون صرف ڊرائنگ روم تائين محدود آهن ؟سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم هڪ سٺوعمل آهي پر اهم سوال اهو پڻ آهي ته سوسائٽي ۾ ٻولي جي حوالي سان awareness ڪيئن پيدا ڪري سگهجي ٿي ٻولي جي ترقي واڌاري لاءِ سنڌ جو شعور ڪيئن ٿو پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي. جيتري قدر ڳالهه سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ سنڌي لازمي پڙهائڻ واريآهي ته سرڪار طرفان اهڙا فيصلا اڳ ۾ ٿيندا رهيا آهن. گذريل سال پڻ تعليم کاتي سنڌ پاران سنڌ جي سمورن سرڪاري توڙي خانگي تعليمي ادارن

۾ سنڌي لازمي طور لاڳو ڪرڻ وارو فيصلو ڪيو ويو هو. تعليم کاتي پاران سنڌي زبان ذريعي هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ جي سمورن تعليمي ادارن ۾ سنڌي لازمي طور تي پڙهائڻ جو پابند بنائڻ ۽ خانگي تعليمي ادارن جي نئين سر رجسٽريشن ڪرڻ جا اهم فيصلا ڪيا ويا هئا. جيتوڻيڪ انهي وقت سنڌ جي تعليم کاتي جي اهڙن فيصلن جي سنڌ جي ساڃاهه وند ڏرين آجيان ڪئي هئي پر خبر ناهي تہ انهن فيصلن تي ڪيترو عملي تي سگهيو آهي؟ هن وقت سنڌي ٻولي جو مستقبل ۽ سنڌي ٻولي جي ترقي ۽ واڌاري واو سوال پڻ اهم معنيٰ رکي ٿو. بنيادي سوال اهو پڻ آهي تہ سنڌي ٻولي جي مستقبل بابت اسان جو نوجوان ڪيترو فڪرمند آهي؟عام ماڻهو ڪيترو فڪر مند آهي؟

سنڌي ٻولي جي ترقي واڌاري لاءِ سرڪاري ادارن جو ڪردار:

سنڌي ٻولي هڪ اهڙي ٻولي آهي جنهن ۾ جديددور۽ترقي يافتہ ٻولي واريون سڀئي ُحسناڪيون ۽ خوبيون موجود آهن پرجديد ٽيڪنالاجي جي دور ۾ اسان پنهنجي ٻولي ۽ ادب جي ترقي ۽ آبياري لاءِ ڪهڙو ڪم ڪري سگهيا آهيون ۽ اسان جا جوڙيل سرڪاري ادارا هن وقت تائين ڪيترو لاڀائتو ڪم ڪري سگهيا آهن؟ انهي ڳالهہ جو پڻ پوتاميل ٿيڻ گهرجي؟ٻولي جي ترقي واڌاري لاءِ 1972 ع ۾ انهي وقت جي سرڪار پاران سنڌي ٻولي جو ايڪٽ پڻ آندو ويو هو پر 50سال گذرڻ جي باوجود انهي ايڪٽ تي حقيقي معنيٰ ۾ عمل نہ ٿيڻ جا ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا؟هن وقت اسان وٽ سنڌي ٻولي جي بقا ۽ وجود وارو سوال اسان جي اڳيان آهي. انهي سان گڏوگڏ ٻولي جي ترقي آبياري ۽ واڌاري وارو سوال پڻ اسان جي اڳيان آهي. گذريل ويهہ سالن جو تجزيو ڪري ڏسو تہ ويهہ سالن دوران سنڌي ٻولي جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ جوڙيل سرڪاري ادارا سنڌ لئنگويج اٿارٽي۽ سنڌي ادبي بورڊ ڪيترو ڪم ڪري سگهيا آهن؟ هي اعليٰ علمي ۽ تحقيقي ادارا سنڌي ٻولي تاريخ سنڌ جي لوڪ ۽ ڪلاسيڪل ادب کي محفوظ ڪرڻ واري مقصد تحت جوڙيا ويا آهن. هنن ادارن کي تعليم کاتي پاران خاص گرانٽ پڻ ڏني وڃي ٿي سنڌي ادبي بورڊ هڪ تحقيقي ادارو آهي هن اداري پنهنجي اوائلي دور ۾ سوين تحقيقي ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا هئا پر گذريل ڪيتري عرصي کان سنڌي ادبي بورڊ جي صورتحال اها آهي جو هي ادارو وڏيون وڏيون بجيٽون رکندي بہ مالي۽ انتظامي گهوٽالي جو شڪار رهندو پيو

اڃا پرانهي اداري تي ڪير ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهي. اڪثر اسان ڏٺو آهي ادبي بورڊ جا ملازم پنهنجن مسئلن لاءِ اڪثر سراپا احتجاج هوندا آهن. سنڌي ادب جي واڌويجهه. تخليقي ۽ تحقيقي سرگرمين جي وسيع پئماني تي ڦهلاءَ خاطر جوڙيل سنڌي ادبي بورڊ وارو ادارو هن وقت سياسي ڌرين جي "رحم ڪرم" تي هلي رهيو آهي. اها ڳالهه هاڻي واضح ٿيڻ گهرجي ادبي بوڊ تحقيقي ڪم لاءِ ڪيترو ڪوشان آهي ؟جڏهن سنڌي ٻولي جي ترقي لاءِ هن اهم اداري جي صورتحال زوال پذير هجي ۽ انهي اداري جي ڪارج ڪي بهتر بنائڻ لاءِ ڪو به ماڻهو عملي طور تي وک وڌائڻ لاءِ تيار نه هجي ته اهڙي صورتحال ۾ اسان جي سنڌي ٻولي ڪيئن ترقي ڪري سگهندي؟ سنڌ لئنگوئج اٿارٽي جو ادارو پنهنجي وس آهر وسيلن جي آڌار تي بهتر ڪم ڪندو رهيو آهي ڇاڪاڻ جو هن اداري جي اهم پوسٽن تي سنڌ جا ناميارا ليکڪ اديب فائز رهيا آهن. هن وقت هن اداري جون واڳون (اٿارٽي جي چئرمين جي حيثيت سان)اسان جي اديب دوست اسحاق سميجو سنڀاليون آهن هي اسان. جو دوست گهڻ پڙهيو ۽ جاکوڙي ماڻهو آهي، هن ايندي شرط سنڌي ٻولي جي ترقي لاءِ جاڳرتا مهم جي ٽرينڊ کي متعارف ڪرايو آهي. سنڌي ٻولي جي هن جاڳرتا مهم واري عمل جي سموري سنڌ کي آجيان ڪرڻ گهرجي ۽ سموري سنڌ جي پڙهيل لکيل طبقي توڙي عام ماڻهن کي هن مهم جو حصو ٿيڻ گهرجي.

ايڪتا ڏهاڙو سنڌي ٻولي جي جاڳرتا مهم جي سري هيٺ ملهائڻ گهرجي:

منهنجي هڪڙي راءِ اها پڻ آهي ته سنڌي ميڊيا طرفان هر سال ملهائجندڙ ايڪتا ڏهاڙو هن ڀيري سنڌي ٻولي جي نانءُ ڪيو وڃي. هن ڀيري ايڪتا ڏهاڙو سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم جي سري هيٺ ملهايو وڃي. آءُ اخباري ادارن ۽ ٽي وي چئنلس جي مالڪن کي گذارش ڪندس ته اهي هن راءِ تي نظر ثاني ڪن. هن وقت اسان جو اڀرندڙ نسل پنهنجي اصلوڪي نج سنڌي ٻولي کان اڻ واقف ٿيندو پيو وڃي. انهي ڪري سنڌ جي نوجوانن کي هن ٻولي جاڳرتا مهم ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي.

تعليمي ادارن ۾ سنڌي لازمي پڙهائڻ واو سوال:

اها پڻ حقيقت آهي تہ سنڌ ۾ سياسي متيپيد، لساني بنياد پرستي ۽ ڌارين جي يلغار سنڌي ٻولي جي واڌويجھ ۽ ترقي لاءِ مسئلا پيدا ڪيا آهن. جنهن جو واضح مثال هي آهي جو ڪراچي، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص جي خانگي توڙي ڪجھ سرڪاري اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي جو مضمون نٿو پڙهايو وڃي. انهن ادارن ۾ سرڪار جا حڪم پڻ نٿا هلن. ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص جي نجي اسڪولن ۾ تہ سنڌ جي وڏيرن، سياسي ليڊرن، اديبن، شاعرن، ساڃاهہ وند ڌرين جا ٻار پڻ پڙهن ٿا. پر انهن نجي اسڪولن کان ڪير بہ پڇاڻو بہ نٿو ڪري تہ اسان جي ٻارن کي بنيادي تعليم مادري ٻولي (سنڌي) ۾ ڇو نہ ٿي ڏني وڃي؟ ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين وڏن شهرن جي نجي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي مضمون نہ پڙهائڻ واريون خبرون مختلف وقتن تي ميڊيا ۾ گردش ڪنديون رهيون آهن. پر وڏن شهرن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌي لازمي پڙهائڻ جي حوالي سان ٻٽا معيار موجود آهن.

مختلف وقتن تي سنڌ سرڪار پاران سنڌ جي اڪثر شهرن جي خانگي اسڪولن ۾ سنڌي نہ پڙهائڻ وارن مامرن جا نوٽس پڻ ورتا ويا آهن ۽ چيو ويندو آهي تہ سنڌي مضمون نہ پڙهائڻ وارن اسڪولن جا لائسنس رد ڪيا ويندا، ۽ اسڪول جي رجسٽريشن ختم ڪئي ويندي پر عمومي طور ڏٺو ويو آهي تہ اهڙن فيصلن تي عمل گهٽ ٿيندي نظر ايندو آهي. هاڻي جڏهن تعليم کاتي سنڌ خانگي تعليمي ادارن جي نئين سر رجسٽريشن جي بنياد تي  تعليمي ادارن ۾ سنڌي لازمي طور پڙهائڻ واري نقطي کي شامل ڪري انهي تي عمل ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي جيڪڏهن تعليم کاتو سنڌ تعليمي ادارن ۾ سنڌي لازمي پڙهائڻ واري فيصلي تي عمل ڪرائي ٿو تہ اها تمام بهتر ڳالهہ هوندي.

ٻولي جي ترقي لاءِ اديبن شاعرن ادبي تنظيمن جو ڪردار:

سنڌي ٻولي جي مستقبل بابت جتي ٻيا معامرا آهن اُتي اهو پڻ سوال اڀري ٿو تہ اسان جا اديب، شاعر ٻولي کي جيارڻ لاءِ سنڌي ادب تي ڪيترو ڪم ڪري سگهيا آهن؟ ٻولي جي ترقي ۽ ادب جي آبياري جو تعلق ادارن ۽ تنظيمن سان جڙيل هوندو آهي پر ادبي تنظيمن جو ڪارج هن وقت سواليہ نشان بڻيل آهي. سنڌي ٻولي ۽ ادب کي فروغ ڏيڻ لاءِ جوڙيل انهن تنظيمن جي ڪارج تي هاڻي آڱريون  ڇو کڄي

رهيون آهن. سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ادبي تنظيم سنڌي ادبي سنگت جو ڪارج هن وقت عملي طور تي نظر چو نٿو اچي مجموعي طور تي اسان جي سنڌي ٻولي جو مستقبل اديبن شاعرن جي ڪردار، سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن، تنظيمن جي ڪارج ۽ رياست جي ڪردار سان سلهاڙيل آهي.

جيڪڏهن اسان جي ادبي ادارن ۽ تنظيمن ۾ ويٺل اسان جا دوست پنهنجي حصي جو ڪم ايمانداري سان ادا ڪن ته هوند اسان جا اهي علمي ادارا ترقي جي راهن ڏانهن گامزن ٿي سگهن ٿا ۽ سنڌي ٻولي جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڪجهه بهتر ڪم به ٿي سگهي ٿو.

اسان جون ذميواريون نيٺ ڇا ڪجي:

هن وقت تعليم ڪاتي ۽ ثقافت ڪاتي سنڌ جو قلم دان سنڌ جي هڪ تخليقڪار سردار شاهه وٽ آهي، جيڪو ٻولي جي مسئلن معاملن جي چڱي ريت پروڙ رکي ٿو جيڪڏهن سرڪار ٻولي جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڪوششون وٺي ٿي ته انهن ڪوششن جي سنڌ آجيان ڪندي. سنڌي ٻولي جي بهتر مستقبل لاءِ ضروري آهي ته اسان ذميوارين کي سمجهون ۽ پنهنجي ٻولي کي آڏو ايندڙ مسئلن، معاملن ۽ چئلينجن کي سمجهون ۽ ان جي ترقي واڌاري لاءِ عملي طور تي اڳتي اچون. موجوده حالتن جي پس منظر ۾ سنڌي ٻولي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ سنڌ جي عام ماڻهن، سول سوسائٽي جي دوستن، اين جي اوز جي نمائندن، اديبن، دانشورن ۽ ميڊيا جي دوستن کي اڳتي اچڻو پوندو ۽ ڪو تحرڪ وٺڻو پوندو. انهي ڏس ۾، سنڌي ٻوليءَ کي ترقي وٺرائڻ لاءِ سنڌ سرڪار پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.